ڊاڪٽر عائشہ سريوال

# امر جليل جي ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جي عڪاسي

## The Reflection of sindhi Society in the stories of Amar Jaleel

**Abstract**

Amar Jaleel is one of the leading fiction writer of Sindhi language with modern trends. The topics of his stories are taken from an existing society of his era and subjected the miseries of common as middle class people what they received from political, reigeous and fudal norms being practicised since long.

Amar Jaleel highly conscious toward easy communication seens with beautiful craft of conversation in dialogues.

His way of expression is simple and very effective though this, He covnvey his deep thoughts easily to readers. His command upon subject and words he used is marvelous. In this piece of writing, we can imagine how amazingly he treat his topics and how beautifully he portrayed this society, we are living in.

**Keywords:** Amar Jaleel, Sindhi Society, Social issues, Sindhi fiction.

امر جليل جديد سنڌي افساني جو مهندار ليکڪ آهي. هن سنڌي ادب ۾ نون موضوعن تي منفرد اسلوب سان افسانا لکيا آهن. ”سرد لاش جو سفر“ کان وٺي، ”سچل ان ٽربل“ ۽ ”منهنجو پٽ مهدي“ تائين، جليل جي افسانن تي سماجي حقيقت نگاريءَ جو لاڙو غالب آهي. هن مذهب، سياست، قوم پرستي، حڪومت، رياست ۽ ٻين مختلف اثرن هيٺ غريب ۽ وچولي طبقي سان ٿيندڙ زيادتين ۽ ڦرلٽ کي پنهنجو مک ۽ بنيادي موضُوع بڻايو آهي. امر جليل جو افسانو سياسي شعور ۽ فڪر توڙي ادراڪ تي مبني

آهي. هن وٽ ادب سڪٽي جذبات نگاري نہ آهي، بلڪ جذبو فڪر سان ڀرپور ملندو ۽ ڳالهہ ٻولهہ جي هلڪي نوع ۾، ابلاغ جوڳي ٻوليءَ توڙي بيحد سادي سٽاءَ سان نهايت گهريون ۽ ڳُوڙهيون ڳالهيون ڪرڻ جليل جي افساني جي خصوصيت آهي.

امر جليل ان وقت لکڻ شروع ڪيو جڏهن سنڌ سياسي، سماجي، معاشي ۽ انتظامي سنگهرن ۾ ڦاٿل هئي. ورهاڱي بعد سنڌ جون سياسي حالتون مسلسل خراب رهيون. ملڪ تي مارشل لا، ون يونٽ ۽ حقيقي سياسي قيادتن کي ڦاهين ڏيڻ، اصلوڪن ماڻهن جي حق تلفين جو رواج عام هو جنهن صورتحال احساس محرومين کي جنم ڏنو ۽ جليل انهن کي ڪهاڻين جي شڪل ۾ ظاهر ڪيو. امر جليل سياسي، سماجي ۽ اقتصادي موضوعن تي مشتمل ڀرپور ڪهاڻيون لکيون آهن. سنڌ، سنڌي ماڻهو مذهبي تنگ نظري، هيٺئين ۽ وچولي طبقي سان ٿيندڙ مختلف شڪلين جو ڏاڍ ۽ حڪمرانن جون انسان دشمن پاليسيون امر جليل جي ڪهاڻين جا پلاٽ ۽ موضوع جوڙين ٿيون. ڏسجي تہ هو فن کان وڌيڪ فڪر کي ترجيح ٿو ڏئي .مثان هن جي ڪهاڻي ايتري تہ سادي سلوڻي آهي، جو عام ۽ خاص جو پسنديده ليکڪ رهندو آيو آهي. امر جا موضوع، علامتون، ٻولي، اسلوب سنڌ جي ماحول سان گهري نموني ڳنڍيل آهن. عام ڪردارن ۽ عام ٻوليءَ جو استعمال ٿيل آهي. امر جليل وٽ ترقي پسند فڪر سان گڏ رومانوي فڪر پڻ جهجهو ملي ٿو. امر جليل جا موضوع زندگي ۽ سماج مان ئي جڙن ٿا. امر ڪيترين ئي ڪهاڻيون تلخ حقيقتن تي مبني بہ لکيون آهن. پر انهن ۾ لهجي جي مناڻ ۽ پيش ڪرڻ جو انداز ايترو تہ دلچسپ ۽ رومانوي آهي، جو پڙهندڙان ۾ مڪمل طور مَحُو ويجي ٿو.

شمس الدين عرساڻي جي لکڻ موجب:

> ”امر جليل جون ڪهاڻيون تلخ حقيقتن تي مبني هوندي بہ پنهنجي مزاج ۾ رومانوي آهن. اهو ئي هن جي ڪهاڻين جي فني حسن جو راز آهي. امر جليل جي فن ۾ حقيقت ۽ رومان جو سهڻو امتزاج آهي. هو بنهي کي قالب ۾ جڙي چڏي ٿو. اهڙي طرح جو حقيقت ۾ رومان جو جلوو پسائي ٿو ۽ رومانويت ۾ حقيقت جو عڪس ترندو نظر اچي ٿو.“ (1)

امر جليل سماجي اَلمِيَن کي رومانوي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ واقعا دکدائڪ هوندا آهن. پر سندس دلچسپ بيان جي انداز ۾ ان کي پڙهندي کل بہ

ايندي آهي. ايئن الميي کي ٿهڪ جو روپ ڏيڻ امر جليل جو خاص هنر آهي. هو سماج تي ڀرپور ۽ گهري طنز ڪري سگهندو آهي. سندس ڪهاڻيون نوڪري پيشه ماڻهن جي مسئلن، بيروزگاري، ٻي جوڙ شادين، بک، نفرتن، ڏوڪن، مصيبتن، مذهب جي بنياد تي انسانن سان نفرت، رياست جي خطرناڪ سياسي پاليسين، سياسي ڪارڪنن سان حڪومتي ورتاءُ وغيره جهڙن موضوعن ۽ مسئلن جي اپٽار ڪن ٿيون.

جليل جي افساني ۾ فني ۽ فڪري پختگي موجود آهي. هن جو انداز ٻين کان منفرد، سگهارو ۽ مقبول آهي. امر جي ڪهاڻين ۾ استعمال ٿيندڙ ڊائيلاگ زبان زد عام ٿي ويندا آهن. هو سادي ۽ عام فهم ٻوليءَ ۾ ڪردارن کان اهڙيءَ ريت گفتگو ڪرائي ٿو جو اها پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ کي ڇهڻ لڳي ٿي. ان ڪري سڀ کان وڌيڪ مقبول ۽ پڙهيو ويندڙ ليکڪ آهي. امر جليل فرد توڙي سماج سان نظام ظلمن کي وائکو ڪيو آهي ۽ سماج جي درد ۽ تڪليف کي هڪ مقصد تحت کنيو آهي.

امر جليل خود چوي ٿو ته:

> ”منهنجو ادب درد ۽ تڪليف مان جنم وٺندو آهي. مان جيسيتائين ڪنهن ظلم لاءِ ٻي انتها نفرت ۽ روح ۾ بيچيني محسوس نه ڪندو آهيان، تيسيتائين لکي نه سگهندو آهيان.“ (2)

امر جليل آسپاس جي مسئلن کي جلد ئي محسوس ڪري وٺي ٿو. سندس ڪهاڻين جا ڪيترائي مجموعا ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن. سندن ڪهاڻين ۾: دل جي دنيا، ڌرتي ڌوڙ آسمان جا تارا، مهدي منهنجو پٽ، عشق ۽ انٽرويو هن چار ۾، سرد لاش جو سفر، ڪپيل ٻانهن جو وارث، هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا، چتي ڪتي جو موت، اروڙ جو مست، چريٽ ۽ نرس، سوجهرو سياڻن ۾ هڪ ٻوڪ، جڏهن مان نه هوندس. منهنجو ڏس آسمان کان پڇو وغيره مقبول ڪهاڻيون آهن.

## شڪست (ڪهاڻي):

سندس ڪهاڻي ”شڪست“ ون يونٽ جي پسمنظر ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ هڪ انقلابي ڪردار ڏيکاريل آهي، جيڪو طاقتور ڌرين خلاف آواز اٿاري ٿو هلندڙ رياستي ۽ سماجي ڏاڍاين خلاف بغاوت ڪري ٿو پر ساڳئي وقت هو ڪنهن جي عشق ۾ مبتلا پڻ

رهي ٿو ۽ پنهنجي آس پاس ٿيندڙ ظلمن خلاف ويڙهه ڪري ٿو. هيءَ ڪهاڻي ون يونٽ جي دور جي سنڌي سماج جي چٽي تصوير آهي ۽ سنڌي ماڻهن جي نفسيات کي پڻ ظاهر ڪري ٿي. امر جليل جي ڪهاڻي ”سوجهرو“ ۾ مفلس ماڻهن جي زندگيءَ جو احوال ملي ٿو. بک ۽ مفلسي ختم ڪرڻ لاءِ ماڻهو ڪهڙا رستا اختيار ڪندا آهن, انهن کي هن بيحد گهرائيءَ سان پيش ڪيو آهي. هڪ غريب ماڻهوءَ وٽ کائڻ لاءِ ته ڪجهه نه آهي, پر غريب ٻار جي علاج لاءِ به هن جا هٿ خالي آهن. محنت ۽ مزدوريءَ جي عظيم روپي کي به ڏيکاريو ويو آهي, ته مفلسي ماڻهن کي ڪهڙين بي حيائين تي لاهي اچي ٿي, ان جو به پرتوو ملي ٿو. هيءَ ڪهاڻي سماجي حقيقت نگاري تي ٻڌل ڪهاڻي آهي. ان ۾ پيٽ جو گذر يا علاج لاءِ محنت ۽ مزدوري جي رستن جا به دڳ ڏيکاريل آهن ۽ ماڻهوءَ کي مجبور ڏسي, ڪي ڪردار ان جو ڪيئن فائدو حاصل ڪن ٿا, اهو به ٻڌايل آهي:

”تو کي پئسن جي ضرورت آهي نه.
ها فقط ويهن روپين جي.
هن ٺهڪ ڏنو. بيوقوف تو وٽ به ٻه ڪڪڙيون آهن. جيڪي
سونا آنا ڏيئي سگهن ٿيون.
مون گهور ڪري سندس ڇُنڇهين اکين ڏي نهاريو.
چاهين ته مان چوٿين پتيءَ تي ٻنهي جو بندوبست ڪريان.
تون چوڻ ڇا ٿو چاهين؟
ٻڌي سگهندين؟
مان جنيد لاءِ سڀ ڪجهه ٻڌندس.
سڀ ڪجهه.
ته ٻڌ, بندل دادا چيلهه تي هٿ رکندي چيو ڪمو ۽ زيبو هڪ
رات لاءِ.....“ (3)

هيءَ ڪهاڻي پيڙا ۽ تڪليف جي بهترين ترجماني ڪري ٿي. امر جليل هن ۾ عزت ۽ عزت نفس کي اڀاري ٿو. هو پورهيت طبقي جي قدرن, وڏائي ۽ غيرت کي سگهه بخشي ٿو.

## عشق ۽ انٽرويو:

امر جليل جي هيءَ ڪهاڻي بيروزگاري نوجوانن جي زندگين جي ڪهاڻي ٻڌائي ٿي، جيڪي نوڪريءَ جي تلاش ۾ ڪيترائي انٽرويو ڏيڻ لاءِ آفيسن جا ڌڪا کائين ٿا ۽ نوڪري انهن کي دوکو ڏيندي پڄندي رهي ٿي. هن ڪهاڻيءَ وسيلي هيٺئين طبقي جي نوجوانن جي زندگيءَ جا ڪيترائي رخ نروار ٿين ٿا. هڪ پوڙهي زميندار جي نوجوان ڇوڪريءَ سان شادي، سفارش تي نوڪري، انٽرويو وٺڻ وارن جون زيادتيون، سفارش سميت عام عشق ۽ بيروزگاريءَ جهڙا معاملا ڪهاڻيءَ جو تاڃي پيٽو ڻاهين ٿا. سماج تي هلڪي طنز وسيلي، ان جي گهڻ طرفن مسئلن ۽ حقيقي سماجي حالتن تان پردو کنيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هيءُ جملو چرچي جي انداز ۾ لکيل آهي، پر بيحد بامعنيٰ آهي:

”خودڪشي ڪرڻ ۾ جلد بازي فقط عاشق ۽ بيروزگار ڪندا آهن.“ (4)

هيءَ هن جي ابتدائي ڪهاڻين مان آهي، ۽ امر جليل جي ڪهاڻيءَ جي منفرد اسلوب جي ڪهاڻي آهي.

## هن چار ۾:

امر جليل جي ڪهاڻي ”هن چار ۾“ سنڌي سماج جي مڪار ڪردارن جي عڪاسي ڪري ٿي. سنڌي وڏيرن جي ڪردار ۽ اندر جي غلاظتن کي بيحد فنائتي نموني پيش ڪيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريل آهي تہ موهن جي دڙي تي تحقيق لاءِ ٻاهران هڪ انگريز عورت آيل آهي، جيڪا پڙهيل لکيل، سڌريل سنڌ جو تصور کڻي آئي هئي. هن جي نظر ۾ اڄ بہ سنڌ موهن جي دڙي واري تهذيب يافتہ سنڌ هئي، جنهن ۾ قدر، اخلاقيات، آرٽ ۽ عورت جي عزت هئي. پر امر جليل ڪهاڻيءَ وسيلي ٻڌائي ٿو تہ اها سنڌ بدلجي چڪي آهي. اڄ جي سنڌ ڪئين رهزنن جي ور چڙهيل هئي. جتي ٻاهران آيل عورت جي مهمان نوازيءَ بجاءِ ان جي عزت ۾ اکيون وجهڻ جهڙي بدعت جنم وٺي چڪي هئي. هو پاڻ سان گڏ اسلام جي چاڻ ۽ اعليٰ تاريخي ورثي جي واقفيت کڻي پهتي هئي، پر سنڌي وڏيرا هن کي پنهنجي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائي جنسي حوس جو نشانو بڻائين ٿا. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ طرف سنڌين جي مهمان نوازي ۽ تهذيبي هاڪ

جو قصو آهي، تہ ڪيئن پاسي ان جي زوال جي دردناڪ ڪهاڻي آهي. اختتام ۾ انگريزياڻيءَ جا نشا لهن ٿا، تہ هوءَ پڙهيل ۾ بڏل ڳالهين کي سڀ ڪجهہ ڪوڙ سمجهي، گاريون ڏيڻ ٿي لڳي.

”رن ڏانهن وڏندي چيم تہ بڏائينس ڇو نہ ٿو علي، تہ هي سنڌ موهن جو دڙو ناهي.“

عليءَ وراڻيو تہ پنهنجن پروفيسرن ۾ ڪتابن کي ٿي گاريون ڏي.“ (5)

اهي گاريون اهڙي وڏيري کي دراصل امر جليل ڏئي رهيو آهي، جنهن وٽ پنهنجي تاريخ ۾ تهذيب جو شعور نہ آهي ۾ هو پنهنجيءَ جهالت سان پنهنجن وڏن جي ڇڏيل ورثي کي تباهہ ڪري رهيو آهي.

## سرد لاش جو سفر:

هن ڪهاڻيءَ ۾ امر جليل ورهاڱي جي ڏينهن جي علامتي منظرنگاري پيش ڪئي آهي. ورهاڱي وقت سڪن مسلمانن سان ۾ مسلمانن سِکن سان ڇا ڪيو، ان تي بيشمار ڪهاڻيون ۾ ناول لکيل ملن ٿا، پر هندن ۾ مسلمانن سان پيش ايندڙ واقعن تي سنڌيءَ ۾ ان ڪري بہ گهڻو لکيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ هندو فقط سنڌ ۾ رهيل هئا. ورهاڱي سبب اٽڪل 10 لک هندو سنڌ جي شهرن مان هند لڏي ويا ۾ ايئن سنڌ جا شهر خالي ٿي ويا، جن ۾ ٻاهران آيل ماڻهو اچي آباد ٿيا. ورهاڱي وقت هندو مسلمان جي بنياد تي پيدا ڪيل نفرت ۾ ويڇن سنڌ اندر ڪهڙي صورتحال پيدا ڪئي ۾ صدين کان وٽي ڪنهن بہ نفرت ۾ دشمنيءَ کان سواءِ ڀائپي ۾ پنهنجائپ سان رهندڙ هندو مسلمانن جو ڪهڙو نقصان ٿيو، هن ڪهاڻيءَ جو موضُوع اهو آهي. پر جيئن تہ مسلمانن پاران زيادتين جا واقعا وڏيڪ ٿيا، تنهن ڪري جليل ڪهاڻيءَ جو پلاٽ بہ ڪجهہ اهڙو ئي چونڊيو ٿو.

”سرد لاش جو سفر“ لڱ ڪانڊاريندڙ حقيقتن جو آئينو آهي. پڙهڻ سان ئي بدن مان سيسڙاٽ نڪرڻ ٿا لڳن.

هيءَ ڪهاڻي ڪنڌڪوٽ جي غريب هندن سان ٿيل نا انصافين جو ڪچو چٺو آهي. مذهب جي نالي تي انسانيت کي لٽيندڙ لٽيرن جي ڪهاڻي آهي.

هن ڪهاڻيءَ تي ڪيترائي الزام لڳايا ويا ته هيءَ فحش آهي، اگهاڙي آهي. مذهب جي خلاف آهي، پر حقيقت ۾ هيءَ ڪهاڻي مظلومن جي آهن ۽ دانهن جو داستان آهي. امر جليل هن ڪهاڻيءَ ۾ مذهبي اڳواڻن ملان هجن، يا پنڊت، سيٺي جي چالاڪين کي اگهاڙو ڪيو ويو آهي. مذهب جي نالي تي ٿيندڙ جبر کي وائکو ڪيو ويو آهي. جنسي خواهشن کي اڀارڻ واري تحرير کي فحش چيو وڃي ٿو پر هيءَ ڪهاڻي پڙهڻ سان مظلوميت جي تصوير آڏو اڀري بيهي ٿي. ظلم به ياد اچن ٿا، ڏک ۽ پيڙا جو به احساس ٿئي ٿو پر ڪا به فحاشي ذهن ۾ نٿي اڀري، هيءَ هڪ تلخ ڪهاڻي ضرور آهي، فحش ۽ مذهب جي خلاف نه.

سلطان وقاصيءَ موجب ته:

> ”مان هن ڪهاڻيءَ کي فحش نه ٿي سمجهان. هن ڪهاڻيءَ مان ڪهاڻيڪار لاءِ نه پر معاشري، ماحول ۽ اهڙن انسانن لاءِ نفرت پيدا ٿئي ٿي، جيڪي جانور آهن ۽ پاڻ کي انسان ڪوٺائين ٿا.“(6)

هن ڪهاڻيءَ ۾ جليل مذهب جي نالي تي ٿيندڙ ظلمن کي اگهاڙو ڪيو آهي. هيءَ ڪهاڻي اهڙي سچائي ۽ دل ڏوڏيندڙ واقعن تي ٻڌل آهي، جو پڙهندي ئي جسم ڪانڊارجڻ لڳي ٿو. ڪهاڻي پڙهو:

> ”روزانو وحشي مسلمان پنهنجي ئي مذهب جي مسلمان نياڻين جي لڄالٽ ڪندا آهن. ڪاوڙ ۽ ڪروڌ وچان پڇيو مان، انهن نياڻين جو بدلو ڪنهن کان وٺندا آهيو؟ مون کي لت وهائيندي چيائون، اهو مسلمانن جو پنهنجو معاملو آهي.“ مسلمان زميندار ۽ هندو سيٺيون گڏجي سڏجي هارين جي عورتن کي بي آبرو ڪندا آهن، اها ڳالهه ڍڪيل ناهي. الائي ڪٿان الائي ڪيئن فنا ٿيندڙ وجود ۾ ٻيهر سرڪشي ۽ بغاوت جي باهه پڙڪي پئي. ڇيم، طبقا فقط به هوندا آهن مجاهدو هڪڙو پيڙهيل، ٻيو پيڙهيندڙ. سمورن مذهبن جا پيروڪار انهن ٻن طبقن ۾ ورهايل آهن.“ (7)

جيتوٽيڪ ڪهاڻي هڪ وڏي انساني سانحي جي عڪاسي ڪري ٿي، جنهن ۾ مسلمانن جي ڦرمار، هندن جي گهرن تي قبضا نياڻين کي اغوا ڪري ڏاڍايون ڪرڻ، نوجوان ڇوڪرن سان ريپ جهڙا واقعا ملن ٿا، پر ان جي اندر امر جليل جڏهن اها ڳالهه ڪٿي ٿو اچي، ته ”طبقا فقط ٻه هوندا آهن مجاهدو، هڪڙو پيڙهيل، ٻيو پيڙهيندڙ سمورن مذهبن جا پيروڪار انهن ٻن طبقن ۾ ورهايل آهن“، تڏهن هڪدم ذهن ڪارل مارڪس جي سوشلسٽ فڪر ڏانهن هليو وڃي ٿو جيڪو ئي سماجي برابريءَ جو پڻ بنياد آهي.

آنند تولاڻي جي لکڻ موجب ته:

”ڪنڌڪوٽ جي ان واقعي کي اصلي روپ ۾ پيش ڪرڻ ۾ امر جليل حد ڪري ڇڏي آهي. سندس ان سچائيءَ تي ڪي ڪاوڙيا، ڪي مچريا، پر سچائيءَ کي پردي پويان لڪائي ته ڪو نه سگهبو آهي.“

جيئن ڪهاڻيءَ ۾ آهي ته:

”دادا، هُو تو وارا ٿي سنگتي آهن نه ڪمالو جانو ۽ دينو سي آيا آهن. هٿن ۾ ڪهاڙيون ۽ خنجر اٿن. چيم، ”هو ٿيئي دوستيءَ جو حق نڀائڻ آيا آهن، پريتو!“

”نه دادا“ پريتم حيران ٿيندي چيو. ”ٻين وانگر هنن به لٽا لاهي ڇڏيا آهن. ميران ۽ ساوتري تي وڃي ڪريا آهن.“ (8)

## لهندڙ سج وڏندڙ پاڇا:

هيءَ هڪ رهزن رئيس جي زيادتين ۽ ظلمن جي ڪهاڻي آهي. هن جي غير انساني سلوڪ کي وائکو ڪري ٿي. جڏهن اهو ظالم وڏيرو پنهنجي موت کي ويجهو ڏسي ٿو ته پنهنجا ڏوهه بخشائڻ لاءِ هڪ غريب جو حق ماري، حج لاءِ تيار ٿي بيهي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ آهي ته:

”رئيس چيو ڏنا! هن دفعي حج تي تون نه ويندين. تنهنجي بدران مان ويندس.

ڏني کي جهڻ ٻڙڇي لڳي. پيرن هيٺان ڌرتي نڪري ويس. آزي ڪندي چيائين،

سائين پائي پائي ميڙي هن ڏينهن جي سڌ ڪئي هئم.

ايندڙ سال ڪٽي وڃجانءِ.

ايندڙ سال حياتي رهي نه رهي ۽ پوءِ بليٽ ۾ ڪٽي نالو نه به نڪري.

خير، هن سال حج تي تون نه ويندين، تنهنجي بدران مان ويندس.

اهڙو قهر نه ڪر سائين.

بڪ بڪ بند ڪر.

سائين مان ويندس. ڏنو روئي پيو. مان مسڪين آهيان، منهنجي هڪ تمنا پوري ٿيڻ ڏيو. ڏنو رئيس جي قدمن ۾ ڪري پيو. رئيس پنهنجو پير پري ڪندي چيو:

پري ٿي، نه ته لاهيان نه ڪياڙي واري لپاٽ.

لپاٽ هڻ پر حج تي وڃڻ ڏي، اڙي تون هٺ تان نه لهندين. رئيس ڪاوڙ ۾ باهه ٿي ويو. هڻ هن ڪاغذ تي اڱوٺو.

سائين مان نه هڻندس

نه هڻندين! نه هڻندين؟

رئيس رڙ ڪندي چيو. اڙي وٺي اچو ڏني جي جوءِ کي ته سٺڻ ۾ ٻلي وجهانس.

ڏني کان دانهن نڪري وئي. زندگيءَ جي وساريل سڃي نفرت اکين ۾ تري آيس. جده جو شهر سندن سيني ۾ سڙي خاڪ ٿي ويو. آڱوٺي کي مس لڳائي، ڪاغذ تي هنيائين.“ (9)

هيءَ ڪهاڻي وڏيرا شاهيءَ جي بدبودار صورت کي پڌرو ڪري ٿي. هڪ مسڪين ماڻهوءَ جي درد ڀري دانهن ٻڌي سگهجي ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ رئيس جو چڪلي ۾ وڃڻ، طوائف تي پئسا لٽائڻ، غريب ماڻهن تي ظلم ڪرڻ، بي واجبي مارائي ڇڏڻ، هارين

مزدورن ڪڙمين سان زيادتين ڪرڻ جهڙن مسئلن کي واڪو ڪيو ويو آهي. جڏهن اليڪشن جا ڏينهن اچن ٿا تہ ساڳيا ئي وڏيرا نيڪ ماڻهو بڻجيو پون, اليڪشن بعد اهي ئي ماڻهو رهزن جو روپ ڌاريو وٺن. اهي سڀ حالتون امر هن ڪهاڻيءَ ۾ حسن, سليقي ۽ فنائتي نموني چٽيا آهن. طبقاتي تفريق ۽ ننڍوڏائي هن ڪهاڻيءَ جو موضوع آهي.

## اروڙ جو مست:

امر جليل جي ڪهاڻي "اروڙ جو مست" سنڌ ۾ پيري فقيري ۽ تعويذ ٽوٽڪي وسيلي هلندڙ ڪڌي ڪاروبار تان پردو کڻي ٿي. هن ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار هڪ مست جو ڏيکاريل آهي, جيڪو پنهنجي اصل ۾ مشهور ڌاڙيل رهيو آهي. ماڻهن جي اَبوجهائي ۽ سادگيءَ جي سنگين صورتحال پيش ڪئي وئي آهي. هڪ ڌاڙيل, پِيرُ ٿي ڪوڙين ڪرامتن وسيلي نہ رڳو ماڻهن کان پئسا پر انهن جون عزتون بہ لٽيندو رهي ٿو ۽ اها لٽ هن کي ڦٻندي رهي ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ماڻهن جو انڌو ويساهہ ۽ عقيدو ڏيکاريو ويو آهي, جيڪي علم ۽ سائنسي سوچ کان ڪوهين ڏور بيٺا آهن. ڪهاڻيءَ ۾ جليل علامتي انداز ۾ ٻڌايو آهي تہ جعلي پيرن ۽ ڌاڙيلن ۾ ڪو بہ فرق نہ آهي. هڪڙو ڏنڊي سان ۽ ٻيو ڪوڙين ڪرامتن سان لٽي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿو:

> "سنڌ ۾ ڪاني ڪرامتن جو پير ٿجي, يا رهزن ڌاڙيل. ٻئي ڌنڌا هڪجهڙا آهن. ٻنهي ۾ هڪ جيتري ڪمائي آهي.
>
> "ڪفر ٿو بڪين پوڪ, مان پير آهيان . ياد رک" ڪلندي چيائين,
> "ڌاڙيل لاءِ قانون آهي, پر ڪاني ڪرامتن جي پيرن لاءِ ناهي ." (10)

هيءَ ڪهاڻي پنهنجي موضُوع ۽ پيشڪش ۾ شاندار ۽ اثرائتي ڪهاڻي آهي, جنهن وسيلي ماڻهن جون اکيون کولڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

## ڌرتيءَ جي ڌوڙ, آسمان جا تارا:

هن ڪهاڻيءَ ۾ سيد گهراڻن جي زندگين جا تاريڪ پهلو ظاهر ڪيا ويا آهن. پاڻ کي آل رسول ۽ خدا جو خاص ٻانهو سڏائيندڙ ڪٽنبن جا ڪي ماڻهو, پنهنجي ڪردار ۾

ڪيترا ننڍڙا ۽ خسيس ٿين ٿا، امر جليل ان پهلوءَ جي تصويرڪشي ڪئي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ سيد ۽ پيلياٽيءَ جي لاڳاپن ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ ٻار جي ڪهاڻي ملي ٿي. پيٽ ٿي وڃڻ ڪان پوءِ سيد زادو پيلياٽيءَ کي ڌمڪيون ڏيڻ تي لهي اچي ٿو پر بالي ٻار کي جنم ڏيڻ تي گهري، سيد پيلياٽيءَ جي ان حرڪت سبب ڏاڍي پريشان ۽ ڪمزور ٿي وڃي ٿو. جيئن ڪهاڻيءَ ۾ آهي ته:

”جنهن ڏينهن عزت لٽي هئائين، تنهن ڏينهن خواب خيال ۾ به نه هئس،ته فقط ڪجهه مهينن کان پوءِ هو پنهنجي جان جنجال ۾ وجهي ڇڏيندي، ۽ جيئڻ عذاب ڪري ڇڏيندس. ڳوٺ موٽيو ته سراج ٻڌايس ته شاهو بالي جي پيٽ ۾ تنهنجو ٻار آهي، مسلسل خيالن جا سلسلا شاهو جي دماغ کي وڪوڙي ويا. هڪ غريب، مسڪين ۽ مفلس پيلياٽي ان لاءِ مسئلو ٿي پئي. هڪ آزاد ۽ بي پرواهه شخص جي پيرن ۾ جڻ زنجير پئجي وئي.“ (11)

هي هيءَ ڪهاڻي سنڌ ۾ سيدزادن، پيرن ميرن ۽ جاگيردارن جي ٻارن جي حرڪتن جي معياري سطح تي اُڪيڙ ڪري ٿي، جيڪي هوندئن ته پاڻ کي مٿانهون سمجهي، هينئين طبقي جي ماڻهن کي هٿ ڏيڻ به پسند ناهن ڪندا، پر پنهنجيءَ بک خاطر ڪنهن به ذات پات جي پرواهه ناهن ڪندا ۽ هر عورت کي حوس جو نشانو بڻائيندا آهن. جڏهن ان حالت ۾ عورت ماءُ بڻجي وڃي، ته پوءِ کين پنهنجي عزت ۽ وڏائي ياد ايندي آهي. سيد هجڻ جو احساس جاڳندو آهي ۽ مختلف طريقن سان ان عورت تي ظلم ڪيا ويندا آهن. هيءَ ڪهاڻي طبقاتي فرق ۽ ذات پات جي ويڇن جي بدصورتي کي بيان ڪندڙ زبردست ڪهاڻي آهي.

## سياڻن ۾ هڪ پوڪ:

امر جليل جي هيءَ ڪهاڻي هڪ علامتي ۽ اصلاحي ڪهاڻي آهي . هن ۾ هڪ اهڙو ڪردار ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو ڪجهه به نٿو ڪرڻ چاهي جنهن لاءِ سندس

ڪٽنب ڪيس ٿوڪي ٿو ۽ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي صلاح ڏيندو رهي ٿو پر ان ڪردار کي آسائشن واري زندگي نه ٿي وڻي، هو پنهنجي پيڻرن ۽ ڀائرن وانگر نه ٿو رهڻ چاهي. هو هڪ الڳ ٿلڳ هڪ ڪردار آهي، جنهن وٽ محبت آهي، سادگي آهي، پورهئي سان پيار آهي. آخر ۾ پيءُ کي چوي ٿو ته مون کي ڀني وٺي ڏيو جيڪا مان پاڻ کاهيندم، پاڻ هَر هلائيندم . مزدوري به پاڻ ڪندم . جنهن تي سڀ گهر وارا ڪيس پوڪ ٿا سڏن. جليل ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿو:

”مون زمين لاءِ چيو هو پنج سئو ايڪڙن لاءِ نه. جواب ڏنم، مونکي پنج ايڪڙ زمين وٺي ڏيو مان پاڻ هر هلائيدس، مان هاري ٿيندس.“ (12)

امر جليل هن سماج مان هڪ اهڙو ڪردار ڪڍي آيو آهي، جيڪو زندگيءَ کان مايوس به نه آهي، پر زندگيءَ جي وهڪري جو ماڻهو به نه آهي. هن کي پورهئي ۾ يقين آهي ۽ ظاهري ناٽ ۽ ڪوڙ جي زندگيءَ کان نفرت آهي. سماجي حقيقت نگارن وٽ هڪ اهم ۽ غالب رويو امِيد ۽ زندگيءَ سان پيار وارو آهي. هو زندگيءَ جا روشن پهلو ڳولي لهن ٿا ۽ ڏيکاءُ، نمائش ۽ حرام جي ڪمائيءَ تي پلجڻ کي گناهه سمجهن ٿا. هن ڪهاڻيءَ ۾ به اهوئي ڏيکاريل آهي.

## رُڃ:

امر جليل جي ڪهاڻي ”رڃ“ ۾ ٽن استادن جا ڪردار ڏيکاريا ويا آهن، جيڪي مختلف شعبن جا استاد آهن. آچر جي رات واندڪائي محسوس ڪندي عياشي ۾ مصروف ڏيکاريا ويا آهن. مختلف موضوعن تي بحث به ڪندا رهن ٿا، جن ۾ عورت ۽ مذهب سندن مرڪزي موضوع آهن. عورت جي ڀرپور ڪجهه تذليل ڪري، ڪيس ڪُڌن لفظن سان مخاطب ٿين ٿا، پر آخر ۾ ساڳي عورت کي زال جي روپ ۾ با حيا ۽ وفادار ڪردار طور ڏنو وڃي ٿو جيڪا چڱي ڳالهه آهي. البته ڪهاڻيءَ ۾ بظاهر پڙهيل لکيل ماڻهن جي عورت طرف روش کي چٽيو ويو آهي، جنهن سان سماجي سطح جي ڄاڻ ملي ٿي.

امر جليل سماج جي هر مسئلي ۽ هر فرد کان مانوس ٿو لڳي. ايئن ٿو محسوس ٿئي تہ پھرين هو پاڻ پوڄي ٿو پوءِ ان کي پنھنجي ڪھاڻيءَ ۽ ڪردارن ۾ سمائي ٿو. هن جو ڪو بہ ڪردار اوپرو يا سنڌي سماج کان ڪٽيل نٿو لڳي. هن وٽ جيئن موضوعن جي گھڻائي آهي تيئن ڪردارن جي بہ کوٽ نہ آهي، هر ڪھاڻي ۾ نئون موضوع ۽ نئون ڪردار ملندو. هن جي ڪردارن ۾ استاد، ڪلارڪ، نرسون، آفيسر، ڊاڪٽر، سياسي ماڻھو، ليڊر، مزدور ۽ هاري عام جام ملن ٿا، جن جو سماج سان گھڻو طرفو لاڳاپو آهي . جليل پنھنجين سياسي توڙي غير سياسي ڪھاڻين ۾ موجوده سماجي ڍانچي کان بيزار ۽ هڪ نئون ۽ بھتر سماج اڏڻ جو خواهشمند آهي، جنھن ۾ پيڙيل ۽ استحصال جو شڪار ڪردار سک جو ساهہ کڻي سگھن.

## نتيجو

امر جليل جي افساني ۾ فني ۽ فڪري پختگي موجود آهي. هن جو انداز بيان کان منفرد، سگھارو آهي. امر جي ڪھاڻين ۾ استعمال ٿيندڙ ڊائيلاگ زبان زد عام ٿي ويندا آهن. هو سادي ۽ عام فھم ٻوليءَ ۾ ڪردارن کان اهڙيءَ ريت گفتگو ڪرائي ٿو جو اها پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ کي ڇھڻ لڳي ٿي. ان ڪري سڀ کان وڌيڪ مقبول ۽ پڙهيو ويندڙ ليکڪ آهي. جليل جي افسانن تي سماجي حقيقت نگاريءَ جو لاڙو غالب آهي. هن مذهب، سياست، قوم پرستي، حڪومت، رياست ۽ ٻين مختلف نعرن تحت هيٺئين ۽ وچولي طبقي سان ٿيندڙ زيادتين ۽ ڦرلٽ کي پنھنجو مک ۽ بنيادي موضُوع بڻايو آهي. امر جليل فرد توڙي سماج سان نظام ظلمن کي وائکو ڪيو آهي ۽ سماج جي درد ۽ تڪليف کي هڪ مقصد تحت کنيو آهي. امر جي ڪھاڻين ۾ سماج جو هر عڪس آئيني جيان چٽو نظر اچي ٿو. هن جي ڪھاڻين ۾ سماج جي تلخ کان تلخ حقيقتن کي وائکو ڪيو آهي .امر جا موضوع، علامتون، ٻولي، اسلوب اسان جي ارگرد جي ماحول سان گھري نموني ڳنڍيل آهن. عام ڪردارن ۽ عام ٻوليءَ جو استعمال ٿيل آهي.

امر جليل وٽ ترقي پسند فڪر سان گڏ رومانوي فڪر پڻ جهجهو ملي ٿو امر جليل جا موضوع زندگي ۽ سماج مان ئي جڙن ٿا . پر انداز بيان ايڏو ته خوبصورت آهي، جو عام موضوع به جليل وٽ پهچي، خاص ۽ امر بڻجي وڃن ٿا. امر ڪيتريون ئي ڪهاڻيون تلخ حقيقتن تي مبني به لکيون آهن. پر انهن ۾ لهجي جي مٺاڻ ۽ پيش ڪرڻ جو انداز ايترو ته دلچسپ ۽ رومانوي آهي، جو پڙهندڙ ان ۾ مڪمل طور محُو ٿي وڃي ٿو.

## حوالا


1. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر،1982ع : آزادي کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو
2. جليل، امر .1998ع: دل جي دنيا، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد
3. ايضا
4. ايضا
5. ايضا
6. جليل، امر، 2010 ،سرد لاش جو سفر، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي
7. ايضا
8. جليل امر،2010:هڪ ليڪ جو تخليقي سفر مرتب (مختيار احمد ملاح)، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد
9. جليل، امر، 2008ع: جڏهن مان نه هوندس، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو
10. جليل امر، 1998ع: دل جي دنيا ، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ڪراچي
11. ايضا
12. ايضا